## (گل - ٣١)



## وجيہ آنند، ٻالارام مانڪر، ٽالِيا صاحب، ڏُولڪر، ميگها شيشن جو اُڌار

شري ڪرشڻ گيتا جي (٨) اَڌياءَ ۾ چيو آهي تہ "جيڪو مونکي اَنت گهڙيءَ ۾ سمرڻ ڪري ٿو، سو مون سان اچي ملي ٿو. ساڳي طرح جنهن کي اَنت ويلي جيڪا ڳالهہ ياد پوندي، اهائي جوُڻ وٺڻي پوندي." ڪير پڪ سان تہ چئي ڪين سگهندو تہ پڇاڙيءَ ۾ مان آتم ويچار يا پربو سمرن ڪندي مرندس. اُن وقت ڪيترن سببن ڪري مرندڙ پراڻيءَ کي دبپ وڙهي ٿا وڃن، تنهن ڪري جي اسانجي حياتي آتم ويچارن ڪرڻ لئي هريل آهي، تہ سميؤ آهي تہ انهہ سمي اُنهن سُٺن ويچارن جي يادگيري ۾ پربو چنتن ڪندي، اسانجي ديهہ ڇٽي. اِن ڪري پربو سمرڻ جو هر روز اڀياس ڪرڻ تمام آوشيڪ (ضروري) آهي، نہ تہ اَنت ويلي گهروُ جهڳڙن ۾ من وڃي ڦاسندو. جي اِشٽ ديو يا ستگوروءَ کي اُن وقت ياد ڪندا تہ اُهي اُن وقت ضرور اَچي سهائتا ڪندا.

وجيہ آنند نالي هڪ مدراسي سنياسي، مانسرووَر

ڪلنن جو پاپ چالو ڪري ته ڀڳوان تو تي پرسن ٿيندو ۽ تنهنجا سڀ دک دور ڪندو. تو تان مايا جو پردو دور ٿي ويندو ۽ توکي شانتي پراپت ٿيندي.“

باباجن هنجو انت ڪال ويجهو ڏسي، هن کي متيون اُپديش ۽ اُپاءُ ٻڌايو ۽ گڏوگڏ ”رام وجيه“ پڙهڻ جي پڻ آگيا ڏني، جو ته پرراج کي اُها واٽي وڌيڪ راضي ڪندي آهي.

ٻه ڏينهن سنياسي وجيه آنند، سنان وغيره ڪري شد ٿي، ليڊي باغ جي ايڪانت واري ڪنڊ ۾ ڀاڳوت جو پاٺ آرنڀ ڪيو. ٻه پاٺ پورا ڪرڻ تي اهڙي ٿڪاوت معلوم ڪيائين، جو ٻه ڏينهن وري اچي واڙي ۾ رهيو. ٽئين ڏينهن بابا جي گود ۾ پراڻ ڏنائين. باباجن حڪم ڪيو ته سنياسيءَ جو مرتڪ سرير، عام ماڻهن جي درشن لاءِ رکيو وڃي. پوءِ پوليس کي اطلاح ڏنو ويو، جنهن جاچ پڙتال ڪري، سرير کي کڻڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ سرير جو ڌرمي سنسڪار ڪيو ويو ۽ اُتي سندس سمادي پڻ ٺاهي ويئي! مطلب ته باباجن، جي مهر ديا سان، سنياسيءَ کي سدگتي پراپت ٿي، يعني باباجن سنياسيءَ کي سدگتي پردان ڪئي.

”ساڌ سنگ ڪلوڪت هري،
ساڌ سنگ نرڪ پرهري.“

گوروائي.

(٢) **بالارام مانڪو ٽالي هڪ گرهستي ڀڳت جي،** جڏهن استري مري ويئي ته هو اُداس ٿي، سڀ گهر ٻار پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري، شرڌيءَ ۽ باباجن جي وڇهو اچي رهيو. هنجي دل شڌ ٿيل ڏسي، هنجي اندر ۾ ڦيري آڻڻ لاءِ، هن کي ٻارهن روپيا ڏيئي چيو ته ”تون ستارا ضلع جي مڇندرڳڙهه ۾ وڃي رهه.“ بالارام جي دل وڃڻ تي ڪانه هئي پر باباجن چيس ته ”تنهنجي ڪلياڻ لاءِ ٿي، مان توکي اهو آگيا ڏيان ٿو. تون مڇندرڳڙهه ۾ وڃي، ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ”گدا“ جو ڌيان ڪندو ڪج.“ بالارام وشواس رکي اُتي هليو ويو.

اُتي جي هوا پاڻي ساوڪ وغيره هن کي ڏاڍا پسند پيا ۽ دل ۾ خوشي آيس. باباجن جي چوڻ موجب ”گدا“ جو ڌيان ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ٽورن ڏينهن کان پوءِ کيس درشن پراپت ٿيو. رواجي طرح درشن صرف ”ترِيا اوستا“ ۾ پهچڻ وارن کي ملندو آهي، ليڪن باباجن جي ديا درشٽيءَ ڪري، بالارام کي ”پراڪرت اوستا“ ۾ ئي درشن مليو. درشن ملڻ تي بالارام، باباجن کان سبب پڇيو ته ”اوهان مون کي مڇندرڳڙهه ۾ ڇو روانو ڪيو؟“ باباجن اُتر ڏنس ته ”شرڌيءَ ۾ رهندي تنهنجي من ۾ نانا پرڪارن جا سنڪلپ وڪلپ اُٿڻ لڳا هئا. اِنڪري تنهنجي چنچل من کي شانت

ڪرڻ لاءِ مون اُتي موڪليو. ٻي ڳالهه ته تون سمجهي وٺو ته مان (بابا) صرف شرڊيءَ ۾ حاضر آهيان ۽ منهنجو سڄو پنجن تتن جو ٺهيل پتلو، ساڍن (۳½) ٽن هٿن جو آهي. پر هينئر توکي معلوم ٿيو آهي ته هينئر تنهنجي سامهون بينل ۽ شرڊيءَ وارو بابا، ساڳيو ئي آهي. مان جتي ڪٿي پهچي سگهان تو ۽ "آيس" آهيان.

بالارام مانڪر درشن ڪرڻ کانپوءِ اهو آستان ڇڏي، باندرا ڏانهن روانو ٿيو. سندس مرضي هئي ته اول پوني کان دادر تائين ريل ۾ وڃان پر جڏهن ٽڪيٽ گهر وٽ پهتو ته ماڻهن جي ايتري ڀيڙ ڏٺائين جو ٽڪيٽ خريد ڪري ڪين سگهيو.

ايتري ۾ هڪ ڳوناڻي، جنهن جي ڪلهي تي ڪمبل آهي ۽ صرف لنگوٽي ٻڌل اٿس، سندس سامهون اچي چيس ته "اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟" مانڪر چيس ته "دادر وڃي رهيو آهيان." هن چيس ته "مون ڪسي دادر جي ٽيڪٽ آهي پر مان ڪنهن ضروري ڪم ڪري نٿو وڃي سگهان. هيءَ منهنجي ٽڪيٽ اوهين وٺو." مانڪر ٽڪيٽ وٺي خوش ٿيو ته ڪيسي مان پئسا ڪڍڻ لڳو ته ٽڪيٽ ڏيڻ وارو لنگوٽيو، ماڻهن جي ڀيڙ ۾ گم ٿي ويو! مانڪر هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ چڪر هنيا، پر لانگوٽيءَ وارو لڌس ئي ڪونه! مانڪر سندس آسري ۾ گاڏي ڇٽڻ تائين نهاريندو

رهيو ۽ نيت گاڏي ڇٽي ۽ مانڪر اُن ۾ روانو ٿي ويو. مطلب ته مانڪر کي هي ٻيو ڀيرو هڪ عجيب نموني ۾ درشن مليو. مانڪر دادر ۾ ڪجهه ڏينهن رهي پوءِ شرڊيءَ ۾ موٽي آيو ۽ باباجن جي چرڻن ۾ حياتيءَ پـر رهيو. اَنت ۾ باباجن جي حاضريءَ ۾ ٿي، سندس ديهه ڇٽي ۽ باباجن جي آخرين آشيرواد پراپت ٿي.

(۳) **ڀڳت تاتيا صاحب نُولڪر** جـو ديهانت پڻ شرڊيءَ ۾ ٿي ٿيو، جنهن جو ورڻ سائين ليلا پتريڪا ۾ لکيل آهي ته هو اُن وقت پنڌرپُور ۾ (اُپ نيايه اُڌيش) سب جج هو ۽ ساڳئي وقت نانا صاحب چندورڪر اُتي ماملتدار هو. ٻئي پاڻ ۾ گڏجي گيان چرچا ۽ وارتالاپ ڪندا هئا. تاتيا صاحب جو سنتن ۾ وشواس ڪين هو پر چندورڪر جو وري سنتن ۾ پورو وشواس هو، جنهن ڪري نُولڪر سب جج کي سائين بابا جـون ليلائون ٻـڌائي، هـن ۾ باباجن لاءِ شـرڌا پيدا ڪيائين. هڪ دفعي چيائينس تـه ”مون سان گڏ هلي باباجن جـو درشن ڪريو.“

سب جج **نُولڪر** چيس تـه ”مان ٻن شرطن تـي هلندس. (۱) مون کي براهمڻ رسويو کپي، جو هنجي هٿ جي ٺهيل رسوئي کائيندس ۽ (۲) بابا جـي پيتا لاءِ ناگپور جا سنگترا کپن. چندورڪر ٻئي شرط قبول ڪيا. قدرت سان چندورڪر وٽ هڪ رسويو براهمڻ

نوڪري ڪرڻ لاءِ آيو ته هن ڪيس ٽُولڪر وٽ موڪلي ڏنو. وري سنگترن جي نوڪري پارسل تي آيس، جنهن تي موڪليندڙ جو نالو ئي لکيل ڪونه هو. اها پارسل به سڀ ججھ ٽُولڪر کي ملي ويئي، تڏهن پنهنجا به شرط پورا ٿيل ڏسي، ڪيس پنهنجي زبان پاڙڻ لاءِ لاچار شرڌيءَ وڃڻو پيو.

جڏهن اُتي پهتا ته باباجن اول تہ ڪاوڙ ۾ اچي ڪي لفظ چيا ته ٽُولڪر جنهنجو سنتن ۾ وشواس ئي ڪين هو، تنهن کي بابا جا لفظ ٻڌي، وڏيڪ ڪاوڙ لڳي، پر چندورڪر جي چوڻ تي، جڏهن ٿورو ڪجھ وقت باباجن جو درشن ڪيائين تہ ناستڪ مان ڦري آستڪ ٿي پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”باباجن، برابر اِيشور جو اوتار آهن.“ مٿس بابا جو اهتري قدر ته پرڀاءُ پيو، جو رٽائر ڪرڻ کانپوءِ شرڌيءَ ۾ اچي رهيو. جڏهن سندس انت سميو آيو ته ڪيس ڌرمي پستڪن مان پاٺ ٻڌايا ويا ۽ جڏهن پراڻ ڇڏيائين، تڏهن بابا جي چاکڙين تي مٿو رکي هلندو رهيو. بابا کي جڏهن اهو سماچار ٻڌايو ويو تہ چيائون ”اڙي، تاتيا آڳ ڏيئي هليو ويو پر هاڻي سندس جنم مرڻ ڪين ٿيندو.“

(٤) **ڀڳت ميگها** جو ديهانت پڻ باباجن جي چرڻن ۾ ٿيو. (٢٨) گل ۾ احوال ڏنل آهي ته جڏهن ميگها جا ڳوٺائي ڪيس مساڻي ڪڍي هليا، تہ بابا سائين شامل

ٽيو ۽ سندس مرتڪ شرير لـِي گل ورساياءون! ۽ آڳئين سنسڪار ڪانپوءِ بابا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڳـوڙها ڳاڙيندي مسجد ۾ موٽي آيا!! اهو سڀ ڇو ۽ ڪهڙي سبب ڪري؟ پنهنجي ڀڳت کي سدڳتي پردان ڪري به، باباجن جو روئڻ، اِها هڪ تمام وچتر ليلا ڇپي. ليڪن باباجن، شرڻ ۾ آيل هنسا ڪندڙ **شينهن جي** مڪتي ڪئي، اُهو ورتانت پڙهو.

(٥) باباجن جي مها سماڌي وٺڻ کان ست ڏينهن اڳ، مسجد جي سامهون هڪ ڍڳي گاڏي اچي بيٺي، جنهن ۾ زنجيرن سان ٻڌل شينهن هو، جو جنهنجو پيانڪ منهن گاڏيءَ جي پٺيءَ پاسي هو. انهي ”شينهن جا سنڀاليندڙ ٽي فقير هئا، جي هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي، پئسا وٺي، شينهن جـو تماشو ڪري، پنهنجي اُدرپورتا ڪندا هئا. پـر شينهن کي اهڙي ڪا ڳجهي بيماري جو هئي، روز بروز ڳرندو ويندو هو. هنن ڪاڏي ۾ ڪيس دوائون ڪرايون پر ويو وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڳرندو. آخر ۾ باباجن جي ساراهه ٻڌي، شرڊيءَ ۾ اچي، شينهن کي بيل گاڏيءَ ۾ مسجد جي در سامهون بيهاريائون. اندرين پيڙا سبب، شينهن خوفناڪ گرجنا ڪندو رهيو ۽ ماڻهو ڊپ وچان پريان بيهي ڏسڻ لڳا.

درويش مسجد ۾ اندر اچي، باباجن سان حال اوريو ۽ سندن آڳيا سان شينهن کي، ڏاڪڻ جي سامهون وٺي

آيا. جڏهن ٻي باباجن جي درشٽي شينهن تي پيئي ته شينهن ڇرڪ ڀري پٺتي هٽيو ۽ پنهنجي گردن جهڪائي بيٺو! باباجن جي درشٽي هٽڻ سان، شينهن ڏاڪڻ تي مٿي چڙهي ويو ۽ باباجن جي منهن ۾ پيار سان نهارڻ لڳو ۽ پڇ لوڏڻ لڳو! سانده ٽي دفعا بابا ڏي نهاري پڇ لوڏي، زمين تي پٽجي رهيو ۽ مري ويو!! ڏسڻ وارا سڀ حيران ٿي ويا.

سنيال ڪرڻ وارا فقير اول ته دکي ٿيا، ڇو جو سندن آجيوڪا جو آسرو هليو ويو پر پوءِ سمجهه آين ۽ چوڻ لڳا ته ”جيترو قرض اسين شينهن کي لهڻدا هئاسين، اهو قرض چڪائي هليو ويو. وري به چڱو ٿيو، جو سائين بابا جهڙي سنت جي روبرو مرڻ سان، ضرور سندس سدگتي ٿيندي، ڇو ته سنتن جي چرڻن تي مٿو رکي پراڻ تياڳڻ سان، ڪيس ضرور، مڪتي ملندي. شينهن جا به ڪي اڳين جنمن جا پڇ ڪرم اديه ٿيا، جو انت سمي ڪيس سائين بابا جهڙي شينهن سنت جو درشن پراپت ٿيو.